SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر LXVII مجريه 1984
# SINDH ORDINANCE NO.LXVII OF 1984
# سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ترميم) آرڊيننس، 1984
# THE SINDH PUBLIC COMMSION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. سنڌ آرڊيننس VI مجريه 1978 جي دفعه 4 ۾ ترميم

Amendment of Section 4 of Sindh Ordinance VI of 1978

# سنڌ آرڊيننس نمبر LXVII مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.LXVII OF 1984

## سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ترميم) آرڊيننس، 1984

## THE SINDH PUBLIC COMMSION (AMENDMENT )ORDINANCE, 1984

[26 ڊسمبر 1984]

آرڊيننس جنهن سان سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن آرڊيننس، 1978 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

هن آرڊيننس جي ذريعي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن آرڊيننس، 1978 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

جنهن کي هيٺين طريقي سان تبديل ڪيو ويندو.

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان ۽ عبوري آئين 1981 جي حڪم جي تعميل ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ آرڊيننس VI مجريه 1978 جي دفعه 4 ۾ ترميم
Amendment of Section 4 of

2. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن آرڊيننس، 1978، جي دفعه 4 کي هيٺين لفظن سان متبادل بڻايو ويندو.

چيئرمي ۽ ميمبرن جي مقرري

”4 (1) چيئرمين ۽ ميمبر کي گورنر پاران مقرر ڪيو

Sindh Ordinance
VI of 1978

ويندو.“

(2) ميمبر کي مقرر ڪيو ويندو جنهن جي مدت پنج سال کان وڌيڪ نه هوندي ۽ ان جي ٻي مقرريءَ جي مدت 3 سال هوندي.

(3) ميمبر پنهنجي هٿ سان لکيل درخواست جي ذريعي گورنر کي پنهنجي استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو.

**نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**